# ١٣. گُل ڪلايون اڱڻ ۾

## پڙهو. سمجهو ۽ ڳايو.



اڄ تہ ملي ڪري، هڪ باغ بڻايون اَڱڻ ۾،
ٻوٽو ٻوٽو پنهنجي هٿن سان، پاڻ لڳايون اَڱڻ ۾.

سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا، هرڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي
ڇو نہ اڄ پنهنجي سوچ ملائي، جوت جڳايون اڱڻ ۾.

وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري اُن ڳالهہ کي سمجهون،
تو ۾ مون ۾ هڪ ئي رب آ، ڇو نہ ويڇو وڃايون اڱڻ ۾.

هل تہ هلون گڏجي ڳولهيون ڪي، منظر رات سهانيءَ جا،
ڇو نہ سفر کي سهڻو بڻائي، جُهول جُهلايون اڱڻ ۾.

ڇو ”نردوش“ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌياري جو،
ڇو نہ اَڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گُل ڪلايون اڱڻ ۾.

## نوان لفظ:

تڪڻ = ڏسڻ    وِيڇو = دوري، فاصلو    منظر = نظارا    ٻوٽو ٻارڻ = سٺو ڪم ڪرڻ.

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اڱڻ ۾ جوت ڪڏهن جڳندي؟
٢) ڪوي گڏجي ڇا ڳولهڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) ڪنهن جو ذڪر ڪوي نٿو ڪرڻ چاهي؟

**سوال ٢: هيٺين سٽن جي معنيٰ لکو:-**

١) وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري ان ڳالهہ کي سمجهوُن،
تون ۾ موُن ۾ هڪ ئي رب آ، ڇو نہ ويڇو وڃايوُن اڱڻ ۾.
٢) ڇو ’نردوش‘ تو ذڪر ڪرين، آنڌي ۽ انڌيا ري جو،
ڇو نہ اڄ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گل ڪلايوُن اڱڻ ۾.

**سوال ٣: بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ١) سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا | جهول جُهلايون اڱڻ ۾، |
| ٢) چو نہ اَڄ پنهنجي سوچ ملائي | هر ڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي |
| ٣) هل تو هلوُن گڏجي ڳولهيون ڪي، | جوت جڳايون اڱڻ ۾ |
| ٤) چو نہ سفر کي سهڻو بڻائي | منظر رات سُهانيءَ جا |

## پورڪ اَڀياس

**شعر - بند تي مشغوليون**

سوچيندي سوچيندي .......... جهوُل جُهلايون اَڱڻ ۾


**(i) هيٺ جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون لکو:-**

١) سيني ۾ هڪ ئي ايشور آهي.
٢) ياترا وٺندڙ بڻايو.
٣) اَچو تہ پيد پاءُ مٽايون.
٤) سوچ ويچار ۾ چڱو عرصو گذري ويو.

**(ii) ليڪ ڏنل لفظ بدران برئڪيٽ مان مناسب جواب چونڊي جملو وري لکو:-**

١) هرڪو ئي هڪ ٻي ڏي <u>تڪي</u> (نهاري، سڏي، ڏِئي)
٢) <u>منظر</u> رات سهاني جا (چٽر، نظارا، تارا)
٣) جوت جڳايون <u>اڱڻ</u> ۾ (پڌر، ڪمرو، ڇت)
٤) <u>وقت</u> ملڻ جو آيو آهي (سَمو، ڏينهن، سال)

**(iii) مثال موجب گول ڀريو:-**




**(iv) ’ڏياري‘ وشيہ تي مضمون لکو.**

**(٢) ’سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا.‘ اِن سٽ ۾ ’سوچيندي‘ لفظ بہ دفعا ڪم آيل آهي. اَهڙي طرح برئڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.**

**(زار زار، آهستي آهستي، هلندي هلندي، ڀڄندي ڀڄندي)**

١) --------- هلندي بہ آخر ڪُمي اَورچائيءَ سان شرط کٽي.
٢) آخر ------ راڌا کي صحيح ائڊريس ملي ئي ويئي.
٣) رانديڪو ٽٽڻ کري ٻار ---------- روئڻ لڳو.
٤) بنا ڏيان کري راجيش ------- ڏڪو کاڌو.

LYHJZZ

